SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريہ 2011

SINDH ACT NO.XXI OF 2011

ذوالفقار آباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 2011

THE ZULFIKARABAD DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 2011

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 5 ۾ ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act No.XXI of 2010

3. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريه 2011

SINDH ACT NO.XX OF 2011

ذوالفقار آباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 2011

THE ZULFIKARABAD DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 2011

[06 جولائي، 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي ذوالفقار آباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو:

هن ڪي هيٺين طرح عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 2010 ۾ دفعہ 5 ۾، ذيلي دفعہ (1) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-	سنڌ جي 2010 ايڪٽ نمبر XXI جي دفعہ 5 ۾ ترميم Amendment of section 5 of Sindh Act No.XXI of 2010

"(1) اٿارٽي ڪم ڪندي ۽ اختيار استعمال ڪندي گورننگ باڊي ذريعي جنهن ۾ شامل هوندو-

(a)	چيف منسٽر	چيئرمين
(b)	سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جا ٽي ميمبر حڪومت پاران نامزد ڪيا ويندا.	ميمبر
(c)	چيف سيڪريٽري	ميمبر
(d)	ايڊيشنل چيف سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ	ميمبر
(e)	سينيئر ميمبر، بورڊ آف روينيو	ميمبر
(f)	سيڪريٽري فنانس	ميمبر
(g)	سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ	ميمبر
(h)	ميمبر لينڊ يوٽيلائيزيشن، بورڊ آف روينيو	ميمبر
(i)	مئنيجنگ ڊائريڪٽر	ميمبر
(j)	چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سنڌ، لينڊ مئنجمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ ڪمپني.	ميمبر

(1-a) وڏو وزير پنهنجي صوابديد تي ڪنهن بہ ميمبر يا شخص کي گورننگ باڊي جو وائيس چيئرمين مقرر ڪري سگهي ٿو جيڪو وڏي وزير جي غير موجودگي ۾ گورننگ

باڊي جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(1-b) وڏو وزير پنهنجي صوابديد تي ڪنهن به ميمبر يا شخص کي گورننگ باڊي جو سيڪريٽري مقرر ڪري سگهي ٿو.“

3. ذوالفقارآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميمي) آرڊيننس، 2011 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.